# ٽَڪ ٽَڪ بابا

# Tuk Tuk Baba

ٻارن جون آکاڻيون

Stories For Kids


ميلارام واسواڻي

Melaram Vaswani



گل ڦل آفيس

ڪراچي (1)

# آکاڻين جي فهرست


| آکاڻي | صفحو |
|---|---|
| ١- ٽڪ ٽڪ بابا | ١ |
| ٢- باندرن جو بدلو | ٩ |
| ٣- جادوگر پوڙهو | ١٣ |
| ٤- بمبلا | ١٨ |
| ٥- چوُن چوُن راجا | ٢٣ |



هي رسالو مسٽر ميلارام منگترام واسواڻي، سندر پريس ڪراچي ۾ ڇپي سندر ساهيه پبلشنگ هائوس ڪراچي پاران پڌرو ڪيو.

## ٽڪ ٽڪ بابا

هڪ ڪوئو ۽ ڪوئي هڪ وڏي گهر جي رنڌڻي ۾ رهندا هئا. سڄو ڏينهن ٻئي رنڌڻي ۾ رڪيل شين جي پٺيان لڪي ويهي رهندا هئا ۽ رات ٿيندي هئي ته ٻاهر نڪرندا هئا ۽ جيڪا به شيءِ اڳيان ايندي هئن سا ٽڪ ٽڪ ڪري ڪتري ڇڏيندا هئا.

صبوح جو ڪتريل شيون ڏسي گهر جي مالڪياڻي ڏاڍو ناراض ٿيندي هئي ۽ ٻڪڻ لڳندي هئي "هاءِ ڀڳوان! هيءَ ڪهڙي آفت آهي. جا شيءِ ڏس ته ڪتري ڇڏي آهي. ڪيستائين اهڙين ٿيندو رهندو."

ڪيترو پريشان ٿيڻ بعد هن گهر جي مالڪ کي سڏائي ڏيکاريو ۽ چيو ته اڄ ڪي ان جو اُپاءُ ٿيڻ گهرجي. گهر جي مالڪ چيو "هاڻي چئن ڏي ڪنڊن کان چار ڪوئن ڦاسائڻ جا پڃرا آڻي ٿو رکان ۽

پوءِ پڻ ٽي ٻليون ٻه ڇڏي ڏيندس. ڏسج ته پوءِ ڪُوئا ڪيڏانهن ٿا وڃن. سڀني کي ٻلين جي پيٽ ۾ پهچايو ويندو."

رنڌڻي جي پٺيان لڪي ٻئي ڄڻا ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا. ڪوئي چيو "ٻڙي، هنن جي ڳالهه ٻڌءِ؟ هاڻي اسين ڇا ڪريون؟"

ڪوئيءَ چيو "اِهوئي ته مان به سوچي رهي آهيان ته هاڻي ڪيئن جان بچائجي."

ڪجهه وقت خيال ڪرڻ کان پوءِ ڪُوئي وري چيو "هل شام جو هتان نڪري هلون. هاڻي هتي ڏرو به رهڻ ٺيڪ نه آهي."

ڪوئيءَ چيو "ها، ٺيڪ آهي. پر وڃون ڪيڏانهن؟ جيڏانهن وينداسين اُتي ساڳي حالت هوندي. رستي ۾ گهمڻ سان ته پيٽ ڪين ڀربو."

"برابر ٿي چئين" چئي ڪُوئو ڪاڏيءَ کي هٿ رکي سوچڻ لڳو. ڪوئي به چپ چاپ ڪجهه سوچي رهي هئي.

سوچيندي سوچيندي ڪوئيءَ مشڪي چيو "وٺ، ڪم ٿي ويو. اسين ماڻهو ساڌو ٿي پئون. تون گسائين ٿي پئه ۽ مان تنهنجي چيلي

ٿيندي. ڏس ته گنگا جي ڪناري تي ڪيترا نه ساڌو سخت اکيون بند ڪري ويٺا آهن. انهن کي ڪا به چنتا ڪانهي. سنان ڪندڙ شردا سان ڪجهه نه ڪجهه ڏيئي ٿا وڃن. پيٽ به مزي سان ڀرجين ٿو ۽ ڪرڻو به ڪجهه نٿو پوين."

ڪوئي جي ڳالهه ٻڌي ڪوُ ئو خوشي ۾ ڦوُليو نه سمايو ۽ چوڻ لڳو"تمام سٺو اُپاءُ سوچيو اٿيئي. توُن ڏاڍي عقل واري آهين. ساڌو بڻجي وهنداسين. مزي سان پيٽ به ڀرينداسين ۽ پوُڄا به ٿيندي."

ڪوئي ورِي چيو"ساڌوءَ جي مٿي تي جٽائون بدن تي لنگوٽي ۽ سڄي بدن تي ڀڀوُت (رک) لڳڻ گهرجي. اهو سڀ ڪئن ٿيندو؟"

ٻئي ورِي سوچڻ لڳا. ٿوري وقت ڪانپوءِ ٻنهي رنڊڻي مان ڳولي ٻن ٽڪرن جي لنگوٽي ٻڌي. پوءِ رنڌڻي جي چلهن ۾ ليٽي پيا ۽ رک ۾ ڀرجي ويا. هيڏانهن هوڏانهن ڪوريئڙن جون جاريون ڳولي مٿي تي جٽائون لڳايائون. اهڙي طرح ٻئي ساڌوءَ ساڌڻي بڻجي گنگا جي ڪناري تي وڃي ويٺا.

صبوح ٽيڻ کان اڳيئي ڪجهه استريون سنان ڪرڻ لاءِ گهاٽ تي آيون. هنن ڏٺو ته ڪناري تي ساڌوءَ ساڌڻي ويٺا آهن. ٻنهي جي مٿي تي جٽائون، بدن تي لنگوٽي ۽ سڄي بدن تي رک لڳل آهي. ليڪن آهن ڪهڙا نه نديڙا ساڌو. ٻهؤ را چار آڱر. هؤ اچرج ۾ ساڌن کي ڏسڻ لڳيون.

ڪوئيءَ هنن کي ڏسي چيو "اي مايؤن! ڇا ٿيون ڏسو؟ هي آهي ڪيلاس واسي ٽڪ ٽڪ بابا. گڻيش ديوتا جو شيوڪ آهي. تيرٿ ڪرڻ لاءِ پهاڙ تان نڪتو آهي."

"گڻيش ديوتا جو وڏو ڀڳت، ڪيلاس واسي ٽڪ ٽڪ بابا آهي." ٻئي ڌي ٻي استرين سوچيو "سچ پچ هيءَ ڪو مهاپرش آهي. ڪيلاس پهاڙ ڇڏي هيٺ آيو آهي. پاپين کي ڇو درشن ڏي؟ انهيءَ ڪري ويس بدلائي ڇڏيو اٿس. هاڻي جڏهن ڀاڳن کان سندس درشن ٿيو آهي ته پوءِ ڪجهه گهرڻ بنا ڇو ڇڏيونس."

اهو سوچي استرين اُنهيءَ ساڌڻيءَ کي چيو "باباجيءَ کي چؤ ته اسانکي ڪجهه دوا جي ضرورت آهي."

ساڌڙيءَ چيو”ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. توهين سڀئي سنان ڪري اچو. ڪيستائين مان دوا وٺي رکنديس.“

استريون سنان ڪرڻ هليون ويون. ساڌڙي يڪدم ٻروڙيءَ ڳولي ڳولي ڪي ٻوٽيون ڪتري ڪٺي آئي.

استريون سنان ڪري موٽيون ته ساڌڙيءَ اُٺيءَ سيني کي ٻوٽيون ورهائي ڏيندي چيائين ”هي ڪيلاس جون ٻوٽيون آهن. ٽڪ ٽڪ بابا جو نالو وٺي ٽي دفعا کائجو. ڪهڙو به روڳ هوندو ته هڪ ڏينهن ۾ ڇٽي ويندو.“

سڀ زالون تمام گهڻو خوش ٿيون. بار بار بابا کي پرڻام ڪري سندس چرڻن ۾ ڏڪڻا رکي گهر هليون ويون.

صبوح ٿيو. ڪجهه ماڻهن جي ٽولي سنان ڪرڻ آئي. گنگا ڪناري پهچي سڀني ساڌوءَ ساڌڙيءَ کي ڏٺو. وائڙا ٿي ويا. چار چار آڱر جا ته ساڌو. مٿي تي جٽائون، بدن تي لنگوٽيءَ سڄي بدن تي رک. هو سڀ ڪناري تي بيهي عجب ۾ اُنهن ساڌن کي ڏسي رهيا هئا.

ساڌُن ۽ اُتي اُنهن ماڻهن کي چيو ”ڇاٽا ڏسو پيا؟ هي آهي ٽڪ ٽڪ بابا. خاص ڪيلاس تي رهندڙ شري گڻيش ديوتا جو وڏو شيوڪ ۽ ڀڳت. تيرٿ ڪرڻ لاءِ هت آيو آهي.“

”ٽڪ ٽڪ بابا“ نالو ٻڌندي ئي سيٺي سمجهيو ضرور ڪو مهاپرش آهي، جو پنهنجو اصلي روپ لڪايو اٿس.“ اهڙو مهاپرش ڏسي سيٺي جي اِڇا ڪجهه نه ڪجهه گهرڻ جي ٿيندي آهي. سيٺي گڏجي ساڌُن ۽ کي پرارٿنا ڪئي ته باباجي ۽ کان ڪا رکيا (تعويذ) وٺي ڏي.

ساڌُن ۽ چيو ”توهين ماڻهو سنان ڪري اچو ته اڳين به ٿي پوندو.“

سيٺي ماڻهن وڃي سنان ڪيو. ساڌُن وڃي ڪجهه سڪل پن ميڙي آئي. جڏهن هو ماڻهو آيا ته اُنهن کي ڏيندي چياءِ ”ٻچا! هي ڪيلاس پربت جي ڀوجپتر تي لکيل تعويذ آهي. ٽڪ ٽڪ بابا جو ڏيان ڪندي اُنکي ڌارڻ ڪجو. جنهن جي جيڪا منوُ ڪامنا هوندي سا پوري ٿيندي.“ تمام خوش ٿي اُنهن ماڻهن گوسائين کي مٿو ٽيڪيو ۽ ڏوڪڙ ڏيئي هليا ويا.

ايتري ۾ گوڙ شور ڪندو هڪ ٻالڪن جو ميڙ اُتي اچي پهتو. سيٺي جي نظر اُنهن ساڌن تي پيئي. مٿي تي جٽا، بدن تي لنگوٽي ۽ سڄي بدن تي رک، ننڍا ايڏا جيڏا چار آڱر. سيٺي کي وڏو عجب لڳو.

ساڌ ٺي چيو "ٻچا! هي دئتن کي ناس ڪرڻ واري ڀڳوان ڳڻيش جو پرڌان ڀڳت آهي. چوويهه ئي ڪلاڪ هنجي شيوا ۾ رهي ٿو. خاص ڪيلاس جبل تي هن جو آستان آهي. تيرٿ ياتراءِ ڳنگا سنان لاءِ هتي پڌاريو آهي. نالو اٿس ٽڪ ٽڪ بابا."

سڀ ٻالڪ اهو ٻڌي سس پس ڪرڻ لڳا "خاص ڪيلاس جو رهندڙ آهي. سندس شڪل ته عجيب آهي، ڀائي. ڪيلاس جا ساڌو سنت ڪوئن وانگر ٿيندا آهن ڇا؟"

ٻنهي ساڌن کي سڀ ٻار گهيرو ڪري ويٺي رهيا. ڪنهن هٿ تي ڏيکاريو. ڪنهن وردان تي گهريو. ڪنهن کي دوا جي ضرورت هئي ۽ ڪنهن تعويذ تي چاهيو.

انهن ۾ هڪ اهڙو به ڇوڪرو هو، جنهن وٽ هڪڙي ٻلي به هئي. اُن کي به هوءُ سنان ڪرائڻ لاءِ وٺي آيو هو.

ان ٻليءَ آهستي "ميائون" ڪئي. ساڌوءَ ساڌڻيءَ ڇرڪ ڀريو. سندن ڪن کڙا ٿيا. دپ سبب هو اُٿي کڙا ٿيا ته لنگوٽيءَ مان سندن پيچ نڪري آيو.

ڇوڪرن پڇيو "هي ڇا آهي بابا؟ ڪيلاس پربت جي ڪا ٻوٽي آهي ڇا؟"

ساڌن هاٿي ٻليءَ کي چڱيءَ طرح ڏٺو. اُنهن کي هوش نه رهيو. ٻلي سندن مٿان ٽپ ڏئي، کنهن کان اڳيئي ساڌو ڀرواري ٻنيءَ ۾ ٻرن ۾ گم ٿي ويا.

# باندرن جو بدلو

هڪڙي ڳوٺ جي ڀرسان هڪ جهنگل هوندو هو. ان ۾ ٻيد جا انيڪ اوچا اوچا وڻ هوندا هئا. جهنگل جي اُڀرندي طرف هڪ ندي هوندي هئي جنهن جي ڪناري تي هڪ انجيرن جو پراڻو وڻ هوندو هو. ان جهنگل ۾ ڪيترا باندر رهندا هئا. گهڻو ڪري سڀ باندر انجير جي وڻ ٽي ٽپندا ڪڏندا هئا، واندڪيون روندڪيون ڪندا هئا ۽ اُن سان گڏو گڏ انجير چڱي کائيندا هئا. باندرن جا ٻچا ته خاص ڪري ايترو شور مچائيندا هئا جو سارو جهنگل گونججي اُٿندو هو. هو پاڻ ۾ اڪيوٽ راند پڻ ڪندا هئا. جڏهن منجهند ٿيندي هئي تڏهن هڪ وڏي وڻ جي هيٺان سڀ وچي آرام ڪندا هئا.

جهنگل جي پرواري نديءَ ۾ هڪ واڳو رهندو هو. هڪ ڏينهن باندرن جي هڪ ٽولي، انجيرن کائڻ لاءِ نديءَ جي ڪناري تي آئي. اُنهن باندرن

سان گڏ سندن ٻچا ٻہ ھُئا. ٻار اڪثر ٻي سمجھ ٿيندا آھن. ھوُ نديءَ جي ڪناري تي ٻھي ھڪ ٻئي کي انجير اُڇلائي ھڻڻ لڳا ۽ خوب کيچل ڪرڻ لڳا. اوچتو وڏن باندرن ٻچن جون ڪيڪوُن ٻڌيون. ڇا ڏسن تہ واڳھو سندن ٻن ٻچن کي پاڻيءَ ۾ گھليندو پيو وڃي. اِھو ڏسي سڀ شور مچائڻ لڳا. ڪا ٻڌي ڪيترا باندر اچي مڙيا پر واڳھو تہ ٻچن کي گھلي، تہ ٻي ھڻي گم ٿي ويو. ويچارا باندر روئندا پٽيندا موٽي آيا.

جلد ئي باندرن پنچات ڪئي ۽ واڳھوءَ کان وير وٺڻ لاءِ سٿون سٿڻ لڳا. آخر باندرن جي مکي ھڪ تجويز پيش ڪئي جا سڀني کي پسند آئي. اُنکان سواءِ سڀني باندرن کي روڪيو ويو تہ ڪو بہ باندر نديءَ جي ڪناري نہ وڃي جيسين واڳھوءَ کان ويرنہ ورتو ويو آھي.

ٻئي ڏينھن باندرن جي مکيءَ، پڙھي واري کي حڪم ڏنو تہ سڄي جھنگل ۾ ڍنڍورو گھماءِ تہ سڀ نوجوان باندر شام جي وقت نديءَ جي ڪناري تي حاضر رھن.

شام ٿيندئي نوجوان باندرن جي ٽولي نديءَ

جي ڪناري تي ڪئي ٿي. ٿوري وقت کانپوءِ باندرن جو مکي ٻالڪيءَ ۾ چڙهي اُتي آيو، سڀني باندرن ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو ”پيارا ڀائرو! توهانکي خبر آهي ته ڪالهه شيطان واگهو اسانجا ٻه ٻچا کڻي ويو آهي. اڄ اسين اُن جو بدلو چڪائينداسين. مان جيڪي ڳالهيون توهانکي ٻڌايان سي ڌيان سان ٻڌجو، اُنهن تي پوري طرح عمل ڪجو.“ ائين چئي هن ٻن باندرن کي حڪم ڏنو، جن نوڙين جون سرڪڻيون ٺاهي انجير جي وڻ جي ٽاري ۾ اهڙيءَ طرح ٻڌيون جيئن اُنهن جا ڦندا (سرڪڻ ڦاهيون) پاڻي کان ٻه چار فوٽ مٿي بيهن.

جڏهن سڀ ڪم ٺيڪ ٿي ويو تڏهن مکي باندرن کي چوڻ لڳو ”هاڻي توهان مان ڪجهه باندر انهي ٽــي وڃي وهن جئن ٽاري جهلي بيهي سرڪڻيون پاڻيءَ ۾ ٻڏل رهن. باقي باندر پاڻيءَ پيئڻ جو بهانو ڪري ڪناري وٽ وڃن ۽ شور مچائن جئن واگهو کي سندن اچڻ جي خبر پوي. پر خبردار رهجو، سرڪڻ ڦاهين جي بلڪل سامهون بيهي گوڙ ڪجو. واگهو ضرور اوهان کي

پکڙڻ لاءِ ڪناري ڏانهن ايندو. جنهن مهل هن جو بدن سرڪڻي جي وچ ۾ ايندو ان مهل مان اشارو ڪندس ۽ اوهين تاريءَ کان هيٺ ٽپو ڏجو. ان ڪانپوءِ جيڪي ٿيندو سو سڀ اڪين سان ڏسجو."

تقرير ختم ٿيڻ شرط سڀ باندر پڌايل طرح ورهائجي ويا ۽ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪرڻ لڳا. ٿوريءَ دير بعد پاڻيءَ ۾ چرپر ٿي ۽ واگهو باندرن جي طرف اچڻ لڳو. جڏهن سندس بدن هڪ سرڪڻيءَ جي وچ ۾ آيو تڏهن باندرن جي مکيءَ اشارو ڪيو. هڪدم باندرن تاريءَ تان ٽپو ڏنو ۽ تاري ٽپ ڏيئي مٿي هلي ويئي. واگهو ڦندي ۾ ڦاسي پيو ۽ پاڻيءَ کان مٿي لڙڪڻ لڳو.

واگهوءَ کي هن طرح ڦاٿل ڏسي باندر خوش ٿي نچڻ لڳا ۽ "واگهو مرده باد" جا نعرا هڻڻ لڳا. اُن بعد مکيءَ جي حڪم ملڻ سان سڀ ڏنڊا کڻي خوب واگهوءَ کي مارڻ لڳا.

گوڙ شور پڌي سڄي جهنگل جا باندر دوڙندا اچي اُلي پهتا ۽ واگهوءَ کي ٽنگيل ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. پوءِ ته پٿر ڪٺي خوب ڪيس ڪٽڻ لڳا. تان جو شيطان واگهو صفا مري ويو.

# جادوگر ڀولڙو

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙي ٻڍڙي رهندي هئي. سندس جهوپڙي بلڪل پراڻي هوندي هئي. هوءَ ننڍڙن ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائي پنهنجا ڏينهن گذاريندي هئي. هڪ دفعي جڏهن هوءَ ڪنهن ڪم سان جهنگل ۾ وڃي رهي هئي تڏهن هن جي نظر وڃي هڪ مئل ڀولڙيءَ تي پيئي. انهي ڀولڙيءَ جي پاسي ۾ هڪ ننڍڙو جارل ڀولڙو پيو هو. ٻڍيءَ کي ڏاڍو قياس آيو ۽ اُن ٻچي کي پنهنجي گهر کڻي آئي.


ٻئي ڏينهن ٻڍيءَ اُنهي ڀولڙي جو نالو رکيو ٽمڪ ٽوُ. هوءَ کيس ڏاڍو پيار ڪندي هئي.

هڪ ڏينهن اُن ڳوٺ ۾ هڪڙي ڄڃ آئي. انهن سان ڪيترا ٻئنڊ وارا به هئا. جڏهن رات جي وقت ٻڍي شادي ڏسڻ ويئي ته ٽمڪ ٽوُ کي به پاڻسان وٺي ويئي. جيسيتائين ٻئنڊ وڃي رهي هئي تيسيتائين

ٽمڪ ٽوُ بہ ڌيان سان ٻڌي رهيو هو. جڏهن ٻئي بند ٿي تہ ستار واري جي ستار ڪٽي اچي ٻيڙيءَ جي گوڏ ۾ ويٺو. ٻيڙيءَ گهڻو ئي سمجهايس تہ ٻچا ستار موٽائي رکہ. ليڪن هن اصل نہ مڃيو. آخر ٻيڙي ڪڪ ٿي کيس چيو "جيڪڏهن توکي ستار وڄائڻ اچي تہ ڀوءِ ڀلي کڻ."

اها ڳالهہ ٻڌي ستار واري کان ڇلو وٺي ستار وڄائڻ لڳو. هن اهڙي تہ سٺي ستار وڄائي جو سڀ ماڻهو "واهہ واهہ" چوڻ لڳا. ٻيڙيءَ خوش ٿي کيس هڪ ستار خريد ڪري ڏني.

هاڻي ٽمڪ ٽوُ ستار وڄائي ٻيڙيءَ جي دل خوش ڪندو هو. جڏهن ٻيڙي ڳانءِ جو کير ڏهندي هئي تہ ٽمڪ ٽوُ ستار وڄائيندو هو ۽ جيستائين ستار



وڄائيندو رهندو هو ٻڌيستائين ڳانءِ ڪير ڏيندي رهندي هئي. ٻيڙي ان ڪيرمان ڏهي، مکڻ، ملائي مائو وغيره ٺاهيندي هئي ۽ سڄي ڳوٺ جي ٻارن کي کارائيندي هئي. انڪري سڀ ماڻهو ٻيڙيءَ جي ساراه ڪندا هئا.

ڳوٺ جي زميندار کي اها ڳالهه نه وڻي. هو ٻيڙيءَ جي گهر آيو ۽ کيس چوڻ لڳو ”تمڪ تون ۽ ستار موڪي ڏي. مان توکي جام پئسا ڏيندس.“ ٻيڙي جواب ڏنو ”مان تمڪ توکي ڪنهن حالت ۾ ڪانه وڪڻندس.“

اها ڳالهه ٻڌي زميندار کي ڏاڍو غصو آيو. گهر پهچي هن نوڪرن کي حڪم ڏنو ته ٻيڙي ۽ تمڪ توکي ٻڌي هت وٺي اچو.


نوڪر جڏهن ٻيڙيءَ جي گهر پهتا، تڏهن کيس چوڻ لڳا ”تمڪ تون کي اسانجي حوالي ڪر نه ته کيس زوريءَ وٺي ويندا سين.“

اها ڳالهه ٻڌي تمڪ تون ڪلڻ لڳو. هن پنهنجي ستار وڄائڻ شروع ڪئي. هن اهڙي نه سندر ۽ رسيلي ستار وڄائي جو سڀني نوڪرن کي ننڊ ڪڻي ويئي. ٻيڙيءَ به يڪدم ڪارنهن ڪڻي سڀني جو

منهن ڪارو ڪري ڇڏيو.

نوڪرن جو ڪارو منهن ڏسي زميندار کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هو تلوار کڻي ٻيڙيءَ جي گهر آيو ۽ واڪو ڪري چوڻ لڳو ”اڙي ٻيڙي! گهر کان ٻاهر نڪر، اڄ تنهنجو خون ڪندس.“

اڃين چئي هو تلوار کڻي جئن ئي ٻيڙيءَ ڏانهن وڌيو ته‌ئن تمڪ تو. ستار وڄائڻ شروع ڪئي.



ستار جو مڌر آواز ٻڌي زميندار تلوار ڦٽي ڪري ٻهي نچڻ لڳو. تمڪ تو زميندار کي سڄي ڳوٺ ۾ نچايو. آخر جڏهن زميندار بلڪل ٿڪجي پيو تڏهن پولڙي ستار وڄائڻ بند ڪئي ۽ زميندار وڃي سمهيو.

ٻڌي ڏيئهن اها ڳالهہ سمجهي ورتي ۽ پڪڙجي ويئي. جڏهن زميندار ننڊ مان سجاڳ ٿيو ته هن حڪم ڏنائين ته رات جو ٻيڙيءَ جي جهوپڙيءَ کي باهہ ڏجو.

آڌي رات جي وقت باهہ جي گرميءَ سبب ٿمڪ ٿوُ سجاڳ ٿيو. ڏٺائين ته جهوپڙيءَ کي باهہ رکو ڙي ويئي آهي. يڪدم ستار کڻي وڄائڻ لڳو. جهٽ پٽ سخت برسات وسڻ لڳي ۽ باهہ وسامي ويئي.

هاڻي زميندار ٻيڙيءَ سان ڪوڙي دوستي رکي ڪيس هڪ ڏينهن زهر پيل لڏون موڪليا. ٻيڙي اهي لڏون ڪاڏا ڪين پر رکي ڇڏيا. شام جي وقت زميندار جو پٽ ٻڪيندو ٽپيندو اچي ٻيڙي جي گهر پهتو. ٻيڙيءَ ڪيس لڏون کائڻ لاءِ ڏنا. لڏون کائڻ شرط ڇوڪرو ٿڏڪي ٿڏڪي مري ويو.

جڏهن زميندار کي اها خبر پيئي ته هن پوليس کي وٺي ٻيڙيءَ جي گهر آيو. زميندار ۽ پوليس کي ڏسي ٿمڪ ٿوُ زور سان ستار وڄائڻ لڳو. ستار جي وڄڻ سان اوچتو تيز طوفان اچي شروع ٿيو. انهيءَ طوفان ۾ زميندار پوليس سميت اُڏامي ويو ۽ وري سندس پتو نہ پيو.

انهيءَ ڏينهن کان وٺي ماڻهو ٿمڪ ٿوُ کي، جادوگر ٻولڙو ڪري سڏڻ لڳا.

## ٻمبلا

هماليه جبل جي ڀرسان، جتان برهمپترا ندي نڪري ٿي، هڪ عجيب ملڪ آهي جنهن ۾ حيرت انگيز ماڻهو رهندا آهن. انهن کي گلفلا ڪري چوندا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته گلفلا اڃا به اتي رهن ٿا.

گلفلا ڏسڻ ۾ ڏاڍو عجب لڳندو. انهن جو بدن بلڪل ننڍو يعني اٽڪل ٽي انچ ٿيندو آهي پر سندن مٿو فوٽ بال جيان گول ٿيندو آهي ۽ انهن جو قد اٽڪل ڏيڍ فوٽ ٿيندو آهي.

گلفلن جا ٻار بلڪل شيطان ٿيندا آهن. سڄو ڏينهن راند ڪرڻ ۽ کائڻ، بس اِهو ئي سندن مکيه ڪم آهي. پر هڪ ڳالهه جا منجهن مزيدار آهي سا سندن نچڻ ڪڏڻ.

اسين ٽپو ڏيندا آهيون ته وري زمين تي اچي پوندا آهيون پر گلفلا جيڪڏهن هڪ دفعو ٽپو ڏيندا آهن ته بال جيان هيٺ اچي وري مٿي هليا ويندا

آهن ۽ جڏهن پوءِ ٿڌن وڏيڪ مٿي هليا ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪڪرن ڏانءِ وچي پهچندا آهن ته ڪڏهن وري چين، جپان يا ٻين ملڪن ۾ وچي نڪرندا آهن. ان لاءِ سندن مائٽ ڏاڍي خبرداري ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪير تپندر آهي ته ڪيس هڪدم اچي جهليندا آهن.

گلفلن ۾ هڪ تمام ننڍڙو ڇوڪر هو. انجو نالو هو بمبلا. بمبلا تمام حرڪتي هو. سندس ماءُ کيس ٽپڻ جي موڪل ڪانه ڏيندي هئي، پر بمبلا لڪي ڇپي وچي نچندو ٽپندو هو. ڪئين دفعا هوُ ٽڪرن ڏانءِ به هليو ويو هو. پر خوش قسمتيءَ سبب سدائين سندس ماءُ اچي کيس بچائيندي هئي.

آهستي آهستي بمبلا وڏو ٿيڻ لڳو. سندس پيءُ چوندو هو "جڏهن وڏو ٿيندو تڏهن پاڻهي سڌري پوندو."

پر سندس پيءُ جو اهو ويچار غلط هو. بمبلا جڏهن وڏو ٿيندو ويو تڏهن وڌيڪ بيپرواهه ۽ شيطان ٿيندو ويو.

هڪ ڏينهن جڏهن هوُ شڪول مان موٽي رهيو

هو ته سوچڻ لڳو ”اڄ ڪيڏانهن سير ڪرڻ لاءِ وڃڻ گهرجي.“

اهو خيال ڪري هو هڪ پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ لڳو. پهاڙ جي چوٽيءَ تي هڪڙو اوچو منارو هو. بمبلا خيال ڪيو ته اڳوپوءِ منارو به ته گهمي ڏسان. اهو سوچي هو اندر گهڙيو. هڪ عاليشان ڏاڪڻ رستي مٿي وڃڻ لڳو

هيڏانهن بمبلا مناري جو سير ڪري رهيو هو ته هوڏانهن سندس مائٽ ڪيس ڳولي رهيا هئا. هو گهبرائجي ويا هئا ته چوڪرو الائي ڪٿي وڃي ڦاٿو آهي. آخر سڀ ڳوليندا ان پهاڙ تي آيا. اوچتو ماڻهن جي نگاهه بمبلا تي پيئي جو مناري جي چوٽيءَ تي سير ڪري رهيو هو. بمبلا کي چوٽيءَ تي ڏسي سڀ گهبرائجي ويا چاڪاڻ ته ان مناري تان ڪرڻ ڪري ڪيترا ڳلفلا اُڇلجي وڃي الائي ڪٿي ڦٽا هئا.

ٿوري دير ڪيترا ڳلفلا بمبلا کي بچائڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا ۽ ڪي وري مٿي مناري تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. جڏهن بمبلا پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڏٺو تڏهن ٻڄي ويو چاڪاڻ هو بنا موڪل هتي

آيو هو. جڏهن گلفلا مناري جي هيٺان پهتا تڏهن بمبلا خيال ڪيو ته ڏسان ته سهين ڪهيٺ ڪير ڪير آهن ؟ اهو سوچي هن ليئو پاتو. پلا سندس مٿو هو وڏو ۽ بدن ننڍو سو ٽڙام ڪري اچي هيٺ ڪريو پر ڪرڻ شرط اُڇل ڪائي ايترو ته مٿي هليو ويو جو ڪنهن کي به ڏسڻ ۾ ڪين آيو. ويچارا ماءُ ۽ ڌيءُ روئيندا پٽيندا گهر موٽي ويا.

گلفلن کي وري ڪڏهن به پتو نه پيو ته بمبلا ڪٿي آهي چاڪاڻ ته هيڏي اوچي مناري تان ڪرڻ سبب اُڇل ڪائي اڏو ته مٿي هليو ويو جو جنهن وقت وري هيٺ ڪريو اُن وقت هڪ ٻئي ملڪ ۾ اچي نڪتو هو.

بمبلا هڪ هندستان جي ڇوڪري وٽ اچي پهتو هو. اهو ڇوڪرو ڪجهه بيمار هو ۽ پنهنجي بستري تي سميو پيو هو. سندس ڪمري جي دري کلي پيئي هئي. دريءَ مان هو چندرما جي سندرتا ڏسي رهيو هو. اوچتو هن ڏٺو ته دريءَ مان ڪا گول شيءِ اندر اچي رهي آهي. هن سمجهو ته شايد چنڊ ٽٽي مونوٽ آيو آهي. هن ٻانهون کوليون ۽ دريءَ مان ايندڙ بمبلا کي جهٽي ورتائين.

جيڪڏهن ڇوڪر بمبلا کي جهلي نہ ها تہ شايد وري اچل ڪائي ڪنهن دور ملڪ ۾ وڃي پهچي ها.

ڇوڪر جي هٿن ۾ ڦاٿڪي ڏسي بمبلا ڏ و ساهہ کڻي چوڻ لڳو ”هي پڳوان ! تنهنجي ليلا اپار آهي. تنهنجي مهرباني ڪري مان وري ڏ رتيءَ تي پهتو آهيان. پر ڪير ٻڌائيند و تہ مان ڪٿي اچي پهتو آهيان؟“

ڇوڪر وراڻيو ”تون مونوٽ اچي پهتو آهين.“

بمبلا چيو ”لووٽ يعني ڪٿي؟ ڇا لوڪي منهنجي گهر جي خبر آهي؟ مان گلفلن جي ملڪ ۾ رهند و آهيان. مان پنهنجي گهر وڃڻ چاهيان ٿو.“

ڇوڪر وراڻيو ”تون هينئر بمبئي شهر ۾ آهين. تنهنجي گهر جي مونکي خبر ڪانهي مون تہ گلفلن جو نالو بہ ڪونہ ٻڌو آهي. هاڻي تون مونسان ئي گڏ رهي پئو.“

بمبلا چيو ”چڱو. پر جي مونکي گهر جي خبر پيئي تہ مان موٽي ويندس.“

بمبلا کي گهر جو پتو نہ پئجي سگهيو. هاڻي هو ان ڇوڪر سان گڏ بمبئيءَ ۾ مزي سان رهندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو اُداس ٿيندو آهي ۽ من ئي من ۾ چوندو آهي ”جيڪڏهن مائٽن جو چوڻ مڃيان ها تہ ڪڏهن بہ ڪائن جدا نہ ٿيان ها.“

## چوُن چوُن راجا

هڪڙو هو ڪوئُو. اُنجو نالو هو چوُن چوُن چانگ. هڪڙي ڏينهن جڏهن نچندو ڪڏندو ڪنهن پاسي گهمڻ وڃي رهيو هو تہ هن رستي ۾ هڪ پئسو لڌو. ڏاڍو خوش ٿيو. پئسو کڻي سوچڻ لڳو "هن پئسي جو ڇا ڪيان؟ مٺائي، گل،. روٽي ۽ ڪپڙو." اهي سڀ شيون تہ مونکي مفت ملنديون آهن.

چوُن چوُن چانگ اجا اِهو سوچي رهيو هو تہ هڪڙي راجا جي سواري ايندي ڏٺائين. رستي جي هڪ پاسي راجا جي سواري ڏسڻ لڳو.

راجا هڪ پالڪيءَ ۾ ويٺل هو. اها پالڪي ڪيترن ماڻهن جي ڪلهي تي رکيل هئي. راجا جي مٿي تي مڪٽ پڌل هو ۽ سندس ڪمر ۾ تلوار لٽڪي رهي هئي. اڳيان ڪجهہ سپاهي بئنڊ باجا وڄائي رهيا هئا. ڪجهہ سپاهي ڍال

ٽلوار ڪٽي راجا جي پٺيان اچي رهيا هئا.

راجا کي ڏسي چوُن چوُن چانگ دل ۾ خيال ڪ بس مان به راجا ٿيندس. وري هڪ دڪاندار وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو "ڀائي! رام رام."

دڪاندار- رام! رام! چوُن چوُن چانگ! اڄ ڪئن هتي آيا آهيو ن."

چوُن چوُن چانگ- ڀائي، مهرباني ڪري مون کي پئسي جون ٽي پايون ڏي."

دڪاندار- ادا! پئسي جون ٽي وٺي ڇا ڪندين؟

چوُن چوُن چانگ- ڀائي! هڪ پائيءَ جو راجا جهڙو مڪٽ، هڪ پائي جي ٽلوار ۽ هڪ پائيءَ جي پالڪي ٺهرائي ڪوُئن جي ڪلهن تي رکندس. ڪوُئن جي سينا تيار ڪري راجا چوُن چوُن چانگ ٿيندس.

چوُن چوُن چانگ جي ڳالهه ٻڌي دڪاندار کلي چيو "ادا! خيال رکجانءِ، راجا ٻڌجي اسان لئي مهرباني ڪجانءِ."

دڪاندار پئسو وٺي اگر مان تي پايوُن ڪيڙي ڏنيون. چوُن چوُن چانگ دڪاندار کان پايون وٺي هنڪي ڏنيواد ڏني ۽ ٽپندو ڪڏندو

سوناري جي دڪان تي آيو. سوناري کي چوڻ لڳو ”پائي سونارا! رام رام.“

سونارو- رام رام، چوُن چوُن چانگ جي! ٻڌايو هتي ڪئن اچڻ ٿيو آهي.

چوُن چوُن چانگ- سونارا! مهرباني ڪري مونکي هڪ پائي جو راجا جهڙو سونو مڪٽ ٺاهي ڏي. مان به راجا ٿيندس.

سونارو- چوُن چوُن چانگ! هڪ پائي جو سون جو مڪٽ ڪو نه ٺهي سگهندو.

چوُن چوُن چانگ- ادا! مونکي مڙيوئي ٽي پايون آهن. هڪ پائي جو مڪٽ ٺاهي ڏي ته باقي هڪ پائي جي ٽلوار ۽ هڪ پائي جي پالڪي وٺندس. پوءِ ڪوئن جي سينا وٺي راجا بڻجندس.

سونارو- پيڄ هتان ته ڪائين نه ڪلا. هڪ پئسي ۾ تو راجا بڻجين؟

چوُن چوُن چانگ کي به ڏاڍي ڪاوڙ لڳي سو چوڻ لڳو ”پائي! مڪٽ ٺاهي ڏي، نه ته رات جو ٽنهنجا سڀ ڪپڙا ٽڪي ويندس.

اهو ٻڌي سونارو ڊڄي ويو. هن هڪ پائي جو سونو مڪٽ ٺاهي چوُن چوُن کي ڏنو. چوُن چوُن

چانگ مکت پائی نچندو ٹپندو لوهار جی دکان ٿي آيو ۽ چوڻ لڳو "ميان لوهار! سلام عليکم!"

لوهار- عليکم سلام! چوُن چوُن چانگ! تون مکت پائي بلکل پورو راجا ٻڻجي پيو آهين.

چوُن چوُن چانگ- اجا پورو راجا ڪٿي ٿيو آهيان. ادا! هڪ پائي وٺ ۽ مونکي راجا جهڙي هڪ ٽلوار ٺاهي ڏي.

لوهار هڪ پائي وٺي کيس هڪ ننڍڙي ٽلوار ٺاهي ڏني.

چوُن چوُن چانگ ٽلوار لٽڪائي سڌو واڍي جي دڪان تي آيو. اتي پهچي چوُن چوُن چانگ چيو "خالصاجي! واهگوروجي کي فتح!"

واڍو- سري واهگوروجي کي فتح! تون ته مکت پائي ۽ ٽلوار لٽڪائي، پورو راجا ٻڻجي پيو آهين.

چوُن چوُن چانگ- ادا، باقي هڪ پائي بچي اٿم. مهرباني کري انجي پالکي نه ٺاهي ڏينم؟ پوءِ ته اصل پورو راجا ٻڻجي پوندس.

چوُن چوُن چانگ جي ڳالهه ٻڌي واڍي کيس هڪ ننڍڙي پالکي ٺاهي ڏني.

ھاڻي چوُن چوُن چانگہ سيني ڪوئن کي ڪوٺائي چيو”پيارا! مونکي راجا بڻائڻ لاءِ پگهوان اڄ مونکي پئسو ڏنو ھو. ھون کي پئسو خرچي مکٽ، تلوار ۽ پالڪي ورتي آھي. پگهوان جو حڪم آھي تہ توھين گهرن مان سيون ۽ واڻ چورائي ڀالون ٺاھيو ۽ سپاھين وانگر بابا وڄائي مونکي شان ڏيڻ لاءِ سواري ڪڍڻ لاءِ تياري ڪريو. پوءِ مونکي راڄ ٽڪ ڏيئي سگهہ مان نڪڌ ڪڍجو.“

ڪوئن چوُن چوُن چانگہ جي ڳالھہ قبول ڪئي، پھرين انگريزي نموني واري سينا سندس اڳيان بئنڊ وڄائيندي ھلي. اُنھن جي پٺيان راجا چوُن چوُ ن چانگہ جي پالڪي نڪتي، جنھن جي پٺيان پيادل ڪوئن جي وڏي سينا ھئي. سڀ زور زور سان نعرا لڳائي رھيا ھئا ”راجا چوُن چوُن چانگہ جي جئہ.“

ڪوئن جو گوڙ ٻڌي ٻلي گهر مان ٻاھر آئي ۽ زور سان ”مياءُوُ، ”مياءُوُ“ ڪرڻ لڳي. ٻلي جو آواز ٻڌي ڪوئا بلڪل ٻڃي ويا. ھوُ پالڪي، تلوارون ۽ ڀالون ڦٽيون ڪري اُٿي ڀڳا.

راجا چوُن چوُن چانگ جڏهن ساموُن پاسي کي ايندو ڏٺو تہ ٽلوار مڪٽ سڀ ڦٽا ڪري اُٿي ڀڳو. ٻوڙندو ٻوڙندو اچي ٻرو پهتو ۽ ٽڏو ساه کڻي چوڻ لڳو:-

”لکم شکرانا جان بچي،
راجا چوُن چوُن لکو اچي.“

---

# نادان دوست

١- گھمندا باغ، ٻنيون، گلزار.
هڪڙو سنڌ ڏسي پھاڙ،
ننڍڙي پھتا باندر يار،
ڪرڻ هليا جي سير شڪار.

٢- ننڍو، منو، ڏنو رام،
هڪ ٽيپو، ٻيو گھنو رام.

٣- نچڻ، ٽپڻ ۽ راند رچائن،
ٻوڙن ٻوڙي شرط پچائن.

٤- وڻ - لامن ۾ ڪائن جهوٽا،
عجب رچائن کيل انوکا.

٥- راند ڪندي پيا ٿڪجي يار،
ڪيو وهڻ جو ٿن ويچار.

٦- پريان ٿڪر ٿي لاهيءَ پر،
هڪڙو آيو بند نظر،

٧- ٻوڙي پھتا سي هڪوار،
ويٺا ننڍڙي باندر چار.

٨- ٻچڙيو وڃي جو ٽيپو رام،
ڪري پالا سو ڪٽ وسرام.

٩- ساٿين ڏي ٻنهي چيو وراڻي:
ائين اوهان کي واجب ناهي،

١٠- سري پري ڏيو مونکي جاءِ،
مان ٻه ٽڪي پيو آڻيان هاءِ.

١١- ساٿين پر پو(ءِ) کيس مخولي،
کلي ڪئي ٽن خوب ٽٽولي.



١٢- جڏهن ڏٺي هن واهه نه ڪائي.
دل ۾ سوچڻ لڳو لڄائي.


١٣- گول بنڊ کي ڏسي چتائي،
سوچي: ڪيئن هي بيٺو آهي؟

١٤- سوچي، سمجهي سگهيو نه پر،
نيٺ ڏٺي هن هڪڙي سر.

١٥- بنڊ هيٺان جا هئي رکيل،
جنهن ڪري بنڊ هو بيٺل.

١٦- چورن وانگر چپ چپ آيو،
سمهي ڪري سرڪي سرڪايو.

١٧- نڪتي سر، بنب ٽڪندو ڪيئن؟
لاهه وڏي لي ڀهندو ڪيئن؟



١٨- هئو وينا هئا ماري ٻم،
ڪريا اچانڪ ڌڙ ڌڙ ڌم.

١٩- ٽيپو خوش ٿيو وه وا پائي!
ڀار ڪريا بولاٽيون ڪائي!!

٢٠- باندر زخميا، ٿيا بي هوش.
اهو آٿو شيطاني جوش.

٢١- ناحق ڪيڏو ٿيو نقصان!
دوست چئبو هي نادان.

جهامن داس (مسافر)